ربیع الآخر 1446ھ/اکتوبر 2024ء



# ماہنامہ فیضان مدینہ

دعوتِ اسلامی

ویب ایڈیشن





# واپار جا احڪام

مفتي علي اصغر عطاري مدني

## حرمين طيبين ۾ زيارتون ڪرڻ واري شخص جو دڪاندار ڪان ڪميشن وٺڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان عرب شريف ۾ زائرين کي مقدس ماڳن جي زيارت ڪرائيندا آهيون، رستي ۾ ڪجهه دڪانن تي گاڏي روڪيندا آهيون ۽ دڪاندارن سان اڳ ۾ طئي ٿيل هوندو آهي ته هر دفعي گاڏي روڪڻ تي اهي اسان کي 200 ريال ڏيندا، هاڻي چاهي زائرين انهن دڪانن تان گهٽ يا وڌيڪ شاپنگ ڪن يا بالڪل به شاپنگ نه ڪن، اسان کي ان جو ڪميشن 200 ريال ملندو، ڇا اسان جو اهڙي طرح ڪميشن وٺڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: سوال ۾ موجود طريقيڪار اختيار ڪري دڪاندار ڪان بروڪري وٺڻ ناجائز و گناهه آهي.

مذڪوره حڪم جي تفصيل هي آهي ته عرف جي مطابق هتي بروڪري ۾ بروڪر جو بنيادي ڪم ٻن پارٽين جي درميان عقد ڪرائڻ مقصود آهي، جڏهن ته سوال ۾ موجود صورت جي مطابق ٻه پارٽين جي درميان عقد ڪرائڻ مقصود ئي ناهي، اهو ئي سبب آهي جو جيڪڏهن ڪوبه زائر مسافر دڪان تان ڪجهه نه خريدي ته به گاڏي واري کي پنهنجا ريال ملندا، سوال ۾ درج تفصيل جي مطابق ته هي واضح آهي ته هتي بروڪري ٻن پارٽين ۾ لاڳاپي جي بغير صرف افراد آڻڻ تي طئي ٿي آهي جيڪا بروڪري ۾ عرف مطابق قابلِ معاوضه منفعت ناهي ۽ عرف مطابق ناقابلِ معاوضه منفعت تي اجارو باطل ٿيندو آهي، لهٰذا مذڪوره اجارو باطل آهي.

جيڪڏهن مذڪوره مسئلي جي فقهي توجيهه ڪندي بروڪري کي ثابت نه مڃيو وڃي بلڪ اهو چيو وڃي ته گاڏي واري جو صرف ماڻهو آڻڻ تي ئي اجارو آهي ته به هي اجارو باطل آهي ڇوته هرطرح جا ماڻهو چاهي اهي خريداري ۾ دلچسپي رکندا هجن يا نه رکندا هجن، انهن جي آڻڻ تي اجارو به معروف ناهي. ۽ جيڪڏهن اهو گاڏي وارو يا گائيڊ زائرين جو اجير خاص آهي، ته ان جو وقت جي تعين سان اجارو ڪيو ويو هجي ته

وِڪِيل (Sold Time) وقت ۾ اهو دڪاندارن لاءِ ڪم ڪرڻ وارو هوندو، ۽ بغير زائرين جي اجازت جي اهو به جائز نه آهي. خاص ڪري حرمين طيبين ۾ زائرين، آثارِ مقدسه جي زيارت لاءِ گاڏي يا گائيڊ بڪ ڪندا آهن، زائرين جو مقصد ڪنهن دڪان تي وڃڻ نه هوندو آهي، بلڪ اهو هڪ غير اعلانيه روٽ هوندو آهي، ۽ جڏهن دڪان تي پهچي ڪري زائرين کي پتو پوندو آهي ته هتي به اچڻو هو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## مرابحہ، وياج کان بچڻ جو هڪ بهترين حل آهي.

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماء دين ۽ مفتيان شرع متين هن مسئلي بابت ته زيد مون وٽ اچي ٿو ۽ ڪيس فريزر يا موٽرسائيڪل وٺڻي آهي، هو مون کان ان لاءِ قرض گهري ٿو. مان زيد کي چوان ٿو ته مان توهان کي مارڪيٽ مان فريزر نقد وٺي ڏيندس، توهان جيڪي قسطون (Installment) ۽ منافعو (Profit) توهان کي مارڪيٽ ۾ ڏيڻو آهي، اهو مون کي ڏئي ڇڏجو. هو ان تي راضي ٿي مون سان گڏ مارڪيٽ هلي ٿو، ۽ مان ان کي فريزر يا موٽرسائيڪل نقد ۾ وٺي ڏيان ٿو. ان صورت ۾ شرعي حڪم ڇا ٿيندو؟ ۽ جيڪو قبضو ڪرڻ جو چيو ويندو آهي، ته ان قبضو ڪرڻ مان ڇا مراد آهي؟ ڇا مون کي اها موٽرسائيڪل هڪ ٻن ڏينهن لاءِ گهر آڻي پوءِ زيد کي ڏيڻي پوندي؟ يا هي مراد آهي ته مون کي پنهنجي ئي نالي جي رسيد نهرائڻ گهرجي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇيل صورت ۾ اوهان جو زيد سان پاڻ مارڪيٽ وڃي ڪري نقد فريزر يا موٽر سائيڪل خريدڻ، ۽ اُن تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ نفعو رکي ڪري زيد کي وڪڻڻ جائز آهي اصطلاح ۾ هي معاملو ”عقد مرابحه“ چورائيندو آهي.

پڇيل صورت ۾ قبضُو ڪرڻ جي لاءِ موٽر سائيڪل هڪ به ڏينهن جي لاءِ گهر ڪٽي وڃڻ ضروري ناهي. بلڪ ايترو به ڪافي آهي ته فريزر يا بائيڪ سامهون موجود هجي ۽ دڪاندار فريزر يا بائيڪ تي قبضو ڪرڻ جو اختيار ڏئي ڇڏي يعني ايئن چئي: پنهنجو مال کڻي وڃو ۽ ڪيفيت هي هجي ته اوهان وٺي وڃڻ تي قادر هجو ۽ قبضو ڪرڻ ۾ ڪنهن قسم جي ڪا رڪاوٽ نه هجي.

فقهي اصطلاح ۾ اهڙي قسم جي قبضي کي "**تخليه**" چئبو آهي. جڏهن توهان جو قبضو ثابت ٿي ويو، پوءِ ڀلي تخليه جي ذريعي ٿيو هجي يا جسماني طور تي ان شيءِ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺڻ سان ٿيو هجي، ته ان کان پوءِ جيڪڏهن توهان زيد کي اها ئي شيءِ وڪرو ڪندا ته پنهنجي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ کان پوءِ وڪرو ڪرڻ جو تقاضو پورو ٿي ويندو ۽ توهان لاءِ ان شيءِ کي اڳتي وڪڻڻ جائز ٿيندو. فقط

پنهنجي نالي جي رسيد نهرائڻ سان شرعي قبضو شمار نہ ٿيندو. جڏهن ڪو شخص سامهون واري کي پنهنجي مال جي قيمت ٻڌائي وڪرو ڪرڻ جو پابند هجي تہ اهڙي خريد و فروخت کي **بيع مرابحہ** چئبو آهي. توهان پنهنجي سوال ۾ جيڪا تفصيل ذڪر ڪئي آهي، اهو اهڙو معاملو آهي ۽ هي طريقو وياج کان بچڻ جو هڪ بهترين حل آهي. البتہ! اهو ضروري آهي تہ جڏهن بہ خريد و فروخت ٿئي، ان جا بنيادي تقاضا ۽ جائز هجڻ جا شرط پورا ڪرڻ ضروري آهن.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## رشوت ۾ ورتل رقم جو ڇا حڪم آهي؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماء ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ ڪنهن ماڻهو نفس ۽ شيطان جي وسوسن ۾ اچي ڪري ڪجهہ رقم رشوت جي صورت ۾ ورتي هجي، هاڻي اهو هن گناهہ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو، تہ ڇا اها رشوت ۾ ورتل رقم ڪنهن شرعي فقير کي صدقي جي صورت ۾ ڏئي سگهي ٿو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: رشوت وٺڻ حرام آهي ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي، ۽ رشوت وٺندڙ ان مال جو مالڪ بہ ناهي بڻبو. تنهن ڪري رشوت وٺندڙ تي سڀ کان پهرين اهو لازم آهي تہ هو هن گناهہ کان سچي توبہ ڪري ۽ پوءِ جنهن جنهن کان رشوت جو مال ورتو آهي، ان کي واپس ڪري ۽ جيڪڏهن اهي موجود نہ هجن تہ انهن جي وارثن کي واپس ڪري. اصل مالڪ جي موجودگي جي باوجود ان کي سندس مال واپس ڪرڻ بجائي شرعي فقير کي صدقو ڪري ڇڏيو تہ رشوت وٺندڙ بري الذمہ نہ ٿيندو. ها جيڪڏهن اصل مالڪ ۽ ان جي وارثن جي خبر نہ پئي، نہ ئي آئنده انهن جي ملڻ جي اميد هجي ۽ هي حتي الامڪان انهن کي ڳولڻ جي مڪمل ڪوشش ڪري چڪو هجي، تہ هاڻي انهن جي طرفان شرعي فقير کي صدقو ڏئي سگهي ٿو. البتہ، جيڪڏهن بعد ۾ مالڪ يا ان جا وارث ملي وڃن ۽ اهي هن صدقي تي راضي نہ ٿين تہ پوءِ انهن کي انهن جي رقم واپس ڪرڻي پوندي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## مختلف ٽيمن جو ڪرڪيٽ ٽورنامنٽ ۾ رقم لڳائي ڪري کيڏڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ اسان جي علائقي ۾اهڙي طرح ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ سڀ ٽيمون ٽي ٽي هزار روپيا مئنيجمينٽ کي جمع ڪرائينديون آهن، ۽ جيڪا ٽيم ٽورنامينٽ کٽيندي آهي، ان کي مئنيجمينٽ طرفان مقرر ڪيل انعام جهڙوڪ ويهہ هزار رپيا ڏنا ويندا آهن، جيڪي سيني ٽيمن کان ورتل رقم مان ڏنا ويندا آهن ۽ باقي ٽيمن کي ڪجهہ بہ ناهي ملندو. اهڙي ٽورنامينٽ کيڏڻ ۽ کٽڻ جي

صورت ۾ انعامي رقم وٺڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇيل صورت ۾ جيڪا تفصيل بيان ڪئي وئي آهي، ان جي مطابق اهڙو ٽورناميٽ ڪيڏڻ قمار(جوا) آهي، جيڪو گناهِ ڪبيره ۽ ناجائز ۽ حرام آهي، ۽ ڪٽيندڙ ٽيم جو ٻين ٽيمن کان رقم وٺڻ به ناجائز ۽ حرام آهي.

هن مسئلي جي تفصيل هيءَ آهي ته ٽورناميٽ ۾ هر ٽيم هن اميد تي پئسا لڳائيندي آهي ۽ پنهنجي قسمت آزمائيندي آهي ته جيڪڏهن کٽي وئي ته پنهنجي پئسن سان گڏ ٻين ٽيمن جا پئسا به حاصل ڪري وٺندي ۽ جيڪڏهن هارائي وئي ته پنهنجي رقم کان به هٿ ڌوئي ويهندي. هي قمار يعني جوئي جي صورت آهي، ڇو ته جوئي ۾ به اهو ئي ٿيندو آهي ته جواري ان اميد تي پنهنجو مال لڳائيندا آهن ته يا ته اهي پنهنجي ساٿيءَ جو مال به حاصل ڪري وٺندا يا پنهنجو مال به وڃائي ويهندا.

جوا جي باري ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

”يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْاَنْصَابُ وَالْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ“ ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ! شراب ۽ جوا ۽ بُت ۽ قسمت معلوم ڪرڻ جا تير ناپاڪ، شيطاني ڪم ئي آهن، سُو انهن کان بچندا رهو ته جيئن توهان ڪامياب ٿيو. (پ7، المآئدة:90)

قمار (جوئي) جي تعريف بيان ڪندي سيدي اعلیٰ حضرت امام اهل سنت مولانا شاهه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن اميد تي تير اڇلائڻ. جوا آهي. (فتاويٰ رضويه، 330/17) جوئي سان حاصل ڪيل مال حرام آهي، ان بابت فتاويٰ رضويه ۾ آهي: "وياج ۽ چوري ۽ غصب ۽ جوئي جو پئسو قطعي حرام آهي".(فتاویٰ رضويه،646/19)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# خالي مشڪيزو ٻيهر ڀرجي ٿي ويو

سيّد عمران اختر عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي محمدِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معجزن جو بلاواسطہ جن ماڻهن سان تعلق هوندو هو جيسيتائين انهن جي توجھ ظاهري سببن ۽ وسيلن تي هوندي هئي انهن کي ان معجزي جي ڪري هڪ بي يقينيءَ جهڙي ڪيفيت محسوس ٿيندي هئي پر جڏهن انهن جو ڌيان ظاهري سببن کان هٽي ڪري رسول الله جي معجزي تي وڃي پوندو هو تہ انهن کي بي پناھ اطمينان ۽ يقين حاصل ٿيندو هو. حضور جو اهڙو ئي هڪ معجزو حضرت بيبي اُمِّ سُليم رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا سان پيش آيو جڏهن هن ٻڪري جي کير مان گيھ ناهي ان کي هڪ مشڪيزي ۾ گڏ ڪيو ۽ پوءِ حضرت اُمِّ سُليم رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا مشڪيزو ڀري پنهنجي خادمہ کي چيو: ان کي کڻي وڃي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ پيش ڪيو تہ جيئن ان مان ٻوڙ ناهي وٺن. خادمہ اهو مشڪيزو کڻي بارگاھِ رسالت ۾ پهتي ۽ عرض ڪيو: هيءُ گيھ اُمِّ سُليم توهان لاءِ موڪليو آهي. نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مشڪيزو خالي ڪري ان کي واپس ڏئي ڇڏيو. خالي مشڪيزو واپس ڪيو ويو جنهن کي خادمہ واپس کڻي آئي. جڏهن گهر پهتيون تہ حضرت اُمِّ سليم رَضِیَ اللہُ عَنۡهَا ڏٺو تہ مشڪيزو ڀريل آهي ۽ ان مان گيھ ٽمي رهيو آهي. هن خادمہ کي چيو تہ مان توکي هيءُ گيھ بارگاھِ رسالت ۾ کڻي وڃڻ لاءِ چيو هو؟ خادمہ جواب ڏنو: هائو، مون ائين ئي ڪيو جيڪڏهن يقين نٿو اچي تہ پاڻ هلي



پچي ونو. حضرت اُمِّ سُليم رضی اللہ عنھا خادم کي وني بارگاھِ رسالت ۾ حاضر ٿيون ۽ عرض ڪيو: مون هن خادم سان گڏ گيھ جو مشڪيزو اوهان جي خدمت ۾ موڪليو هو. رسول الله صَلَّی اللہ عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسلّم فرمايو: هائو هيءَ ڪٽي آئي هئي. انهن عرض ڪيو: ان ذات جو قسم جنهن اوهان کي هدايت ۽ حق سان موڪليو! اهو مشڪيزو ته پريل آهي ۽ ان مان گيھ ٽمي رهيو آهي. پياري آقا صَلَّی اللہ عَلَیہِ واٰلِہٖ وَسلّم فرمايو: حيراني ڪهڙي؟ الله پاڪ توهان جي ڪاڏي جو انتظام ڪيو، جيئن توهان ان جي نبي لاءِ ڪيو، ڪائو ۽ ٻين کي کارايو. اُمِّ سُليم رضی اللہ عنھا فرمائن ٿيون: مون گھر اچي ان گيھ کي مختلف پيالن ۾ ورهائي ڇڏيو ۽ ڪجھ ان مشڪيزي ۾ رهڻ ڏنم جنهن مان اسان هڪ يا ٻہ مهينا سَالن ناهيندا رهياسين.

(حوالا: مسند ابي يعليٰ، 3/430، حديث: 4198. معجم ڪبير للطبراني، 25/120، حديث: 293. الاصابة في تمييز الصحابة، 8/165)

گيھ جو خالي مشڪيزو ڀاٽمرادو ڀرجي وڃڻ حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ وآلہٖ وسلّم جو هڪ وڏو معجزو آهي.

## هن معجزي جي روشنيءَ ۾ ڪجھ اهم ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

بزرگن جي خدمت ۾ بنا لالچ نذرانا (تحفا) پيش ڪرڻ سعادت جو باعث ۽ خير و برڪت جو سبب آهي. جيڪڏهن ڪنهن جي طرفان ڪو نذرانو يا ڪا شيءِ ڪنهن تائين پهچايو ته واضع طور تي ٻڌائڻ گھرجي ته هيءَ فلاڻي اوهان لاءِ موڪليو آهي ته جيئن اهو هي نہ سمجهي ته هي پنهنجي طرفان پيش ڪري رهيو آهي. ڪنهن ڳالهہ جي جاچ پڙتال ۽ تحقيق لاءِ سڌو سنئون ان سان رابطو ڪرڻ گھرجي جيڪو اسان جي شڪ ۽ شبهن کي ختم ڪري.

جيڪڏهن ڪنهن وٽ ڪا شيءِ موڪلي وڃي ته ڪا اهڙي وضاحت ضرور ڪئي وڃي ته جيئن سامهون واري کي معلوم ٿي وڃي ته هيءِ امانت آهي يا تحفو.

جيڪڏهن ڪو اسان کي ڪاڏي پيتي جي شيءِ موڪلي ته ٿانوَ، مانيون ويڙهڻ جو رومال، ڪاڏو ڍڪڻ وارو ڪپڙو يا ڪپڙي جو ٿيلهو يا اسپيشل شاپر وغيره جنهن ۾ اهو ڪاڏو موڪليو ويو هجي اهو واپس ڪري ڇڏڻ گھرجي سواءِ ان جي جو ان کي پاڻ وٽ رکڻ جو رواج هجي.

ڀلائي جا فائدا ۽ برائي جا نتيجا الله پاڪ گھٽو ڪري دنيا ۾ ئي ڏيکاري ڇڏي ٿو.

كلاس روم

# درياءِ جي پار

حيدرعلي مدني

سر بلال اڄوڪو سبق وائٽ بورڊ تي ٻارن کي چڱي طرح سان سمجهائي چڪو هو هاڻي بس ريڊنگ باقي هئي ته سر بلال ٻارن ڏانهن ڏسندي پڇيو: اڄ ڪير ريڊنگ ڪندو؟ ڪافي ٻارن هٿ ڪنيو پوءِ سر ٻئين قطار ۾ ويٺل هڪ ٻارَ ڏانهن ڏسندي چيو: ڪامران پٽ هلو اوهان ريڊنگ ڪيو، ڪافي ڏينهن تي ويا آهن اوهان کان ناهي ٻُڌي. ايترو چئي ڪري سر ڪتابَ جي طرف متوجه ٿيو، ڪافي وقت گذري ويو پر ڪامران سبق پڙهڻ شروع نه ڪيو، سر ڏٺو ته ڪامران ۽ ان سان گڏ ويٺل شاگرد علي رضا جي درميان ڪنهن ڳالهه تي بحث ٿي رهي آهي، ڇا ڳالهه آهي ڪامران پٽ! اوهان پڙهڻ نه ٿا چاهيو يا علي رضا اوهان کي پڙهڻ نه نٿو ڏي، سر بلال مُسڪرائيندي چيو:

ڪامران: سر علي رضا مونکي ڪتاب ناهي ڏئي رهيو.

علي رضا: سر منهنجو ڪتابُ آهي، ڪامران پنهنجو ڪتاب ناهي آڻيندو.

ڪامران: سر منهنجو ڪتاب گُم ٿي ويو آهي.

سر بلال: هلو ٻارو: بحث ختم ڪيو، علي ڪامران سان ڪتاب شيئر ڪيو، ڇا اوهان الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اها پياري حديث ناهي ٻڌي ته الله پاڪ ٻانهي جي مدد ڪندو رهندو آهي جيستائين ٻانهو پنهنجي ڀاءُ جي مدد ۾ لڳل رهندو آهي.

(مسلم ، ص1447 ، حديث : 2699)

ڪامران سبق ختم ڪيو ته اڃان پيريڊ ختم ٿيڻ ۾ ڪجھ وقت باقي هو، ڪلاس مانيٽر معاويه چوڻ لڳو: سر اڄ ڪو واقعو ٻڌايو. ٺيڪ آهي ٻارو: ٻڌايو ته هي ڪهڙو اسلامي مهينو هلي رهيو آهي؟ سر بلال ٻانهن تي ٻڌل گھڙي ۾ ٽائيم ڏسي پڇيو. ٻن ٽِن ٻارن کان علاوه ڪنهن هٿ نه کنيو پوءِ مٿي جي اشاري سان انهن مان هڪ ٻار جواب ڏنو: سر هاڻي ربيعُ الثاني جو اسلامي مهينو آهي.



سر بلال: شاباس. ٻارو! جھڙيءَ طرح ھر اسلامي مھيني ۾ اسان مسلمان ڪنھن نہ ڪنھن بزرگ جي ياد ملھائيندا آھيون ائين ئي ربيعُ الثاني جو ڏنو وڃي تہ ھن ۾ اسان شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ ڪي ياد ڪندا آھيون.

معاويہ: اھو ئي شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ جن جو ڌاڙيلن جي سامھون بھادري سان سچ ڳالھائڻ وارو واقعو مشھور آھي.

سر بلال: جي جي پٽ اھو ئي شيخ عبدُالقادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ، جنھن کي اسان يارھين وارا پيرَ بہ چوندا آھيون ۽ شھنشاھِ بغداد بہ چوندا آھيون. اسان جي شيخ عبدُالقادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ ۾ بيشمار خوبيون ھيون، اللہ پاڪ ۽ ان جي رسول جي محبت، عبادت جو ذوق، علم جو شوق ھجڻ سان گڏوگڏ سندن ھڪ اھم خوبي خبر آھي ڪھڙي ھئي: سخاوت يعني generosity، پاڻ فرمائيندا ھئا تہ مون وٽ پيسو نہ بچندو ھو، جيڪڏھن صبح جو مون وٽ ھزار دينار ايندا ھئا تہ شام تائين انھن مان ھڪ بہ پيسو نہ بچندو ھو. (قلائدالجواہر،ص8ملخصاً) يعني شام تائين سمورا پيسا ضرورت مندن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ ۾ خرچ ٿي ويندا.

ڪامران: سر ھي دينار ڇا ھوندو آھي؟

سر بلال: پٽ جيئن ھاڻي اسان جي ڪاغذ جي ڪرنسي ھوندي آھي تہ پھريان سون ۽ چاندي جا سِڪا ماڻھو خريد و فروخت جي لاءِ ڪرنسي جي طور تي استعمال ڪندا ھئا، چاندي جي سِڪن کي درھم ۽ سون جي سِڪن کي دينار چوندا ھئا. ھلو ھاڻي شيخ جي سخاوت جو ھڪ بھترين واقعو ٻڌو: عراق ۾ ھڪ درياءَ آھي درياءِ دجلہ، پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ جي دور ۾ بہ ماڻھو درياءَ پار ڪرڻ جي لاءِ ٻيڙيءَ جو استعمال ڪندا ھئا تہ ھڪ ڀيري پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ ھڪ شخص کي ڪجھ پريشان ۽ غمگين (Sad) ڏسي ڪري ان جو حال پڇيو تہ ان عرض ڪيو: سائين! درياءِ دجلہ جي ھُن پار وڃڻ (cross ڪرڻ) چاھيان ٿو پر ملاح (Sailor) بنا ڪرائي جي ٻيڙيءَ ۾ نٿو ويھاري ۽ مون وٽ ڪرايو ڏيڻ جي لاءِ ڪجھ بہ ناھي. انھيءَ دوران حضور غوثِ پاڪ جي ڪنھن عقيد مند ٽيھ دينار ڪيس تحفي ۾ ڏنا تہ پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ ٽيھ ئي دينار ان شخص کي ڏئي ڇڏيا ۽ فرمايائون: وڃو! ھي ان ملاح کي ڏئي ڇڏجو ۽ چئجو تہ آئنده ھُو ڪنھن بہ غريب کي دريا پار پھچائڻ کان انڪار نہ ڪري. (اخبارالاخیار،ص18) ٻارن جي خاموشي ڏسي ڪري سر چوڻ لڳو: لڳي ٿو توھان کي ڳالھ سمجھ ۾ نہ آئي، اري ٻارو ان وقت ٻيڙِيءَ جو ڪِرايو ھڪ ڪان بہ دينار ھوندو ھو ائين پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ پورا ٽيھ دينار ان کي ڏئي ڇڏيا ھئا. ھي ٻڌي ڪري ٻارن جي ”سبحان اللہ“ چوڻ سان ڪلاس روم گونجي پيو، ھاڻي سر گھڙي ڏانھن ڏسي پنھنجي ڳالھ ختم ڪندي چيو: تہ ٻارو اسان پنھنجي بزرگن وانگر تہ نہ گھٽ ۾ گھٽ پنھنجي طاقت جي مطابق ضرور ٻين جي مدد ڪيون.



# غوثِ پاڪ جون نصيحتون

مولانا شهزاد عنبر عطاري مدني

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! ربيعُ الآخر تشريف کڻي اچي چڪو آهي، هن مبارڪ مهيني کي پيرانِ پير، پير دستگير، روشن ضمير، سرڪارِ غوثِ اعظم، حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ سان خاص نسبت آهي. هن مهيني ۾ وڏي يارهين شريف خوب ڌوم ڌام سان ملهائي ويندي آهي. اچو! حضورِ غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہ علیہ جون سبق آموز نصيحتون پڙهون ٿا:

## هر مسلمان تي 3 ڪم لازم آهن

سرڪارِ غوثِ اعظم، حضرت شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: هر مسلمان تي هر حال ۾ (يعني ڏينهن هجي، رات هجي، سردي هجي، گرمي هجي، خوشي هجي، غمي هجي، مصروفيت هجي، واندڪائي هجي، مطلب ته جيستائين جسم ۾ جان آهي، جيستائين عقل سلامت آهي، ساهه هلي رهيو آهي ان وقت تائين هر مسلمان تي) 3 ڳالهيون لازم آهن: (1) اَمْرٌ يَمْتَثِلُهٗ شريعت جو حڪم جو ان تي عمل ڪري (2) نَهْيٌ يَجْتَنِبُهٗ شريعت جون منع ڪيل ڳالهيون جو انهن کان بَچندو رهي (3) قَدْرٌ يَرْضٰى بِهٖ تقدير جو ان تي هميشه راضي رهي.

حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہ علیہ وڌيڪ فرمائن ٿا: مسلمان جي ادنيٰ حالت هي آهي ته اهو ڪنهن وقت به انهن ٽنهي ڳالهين مان ڪنهن هڪ کان به خالي نه هجي * ان جي دل انهن ٽنهي ڳالهين جو پڪو ارادو ڪندي رهي * ٻانهو پنهنجو پاڻ سان هي ٽئي ڳالهيون بيان ڪندو رهي ۽ پنهنجن عضون کي هر وقت هنن ۾ مصروف رکي.[1]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! تمام مختصر ۽ ڪيتري زبردست نصيحت آهي. شيخ عبدُالحق مُحدث دهلوي رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہ علیہ هن مختصر نصيحت ۾ پوري دين جو خلاصو بيان فرمائي ڇڏيو آهي.[2]

## الله پاڪ جو پيارو بنائڻ وارو عمل

11 جمادي الآخر 545 هجري جو حضور غوثِ اعظم رحمۃُ اللہ علیہ پنهنجي مدرسي ۾ بيان فرمايو، ان دوران پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ فرمايائون: اي مالدارو! جيڪڏهن دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي چاهيو ٿا ته پنهنجي مال جي ذريعي غريبن

---

[1]... فتوح الغيب، صفحه:17

[2]...شرح فتوح الغيب، صفحه:10 ماخوذاً

سان همدردي ڪريو! پوءِ غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ هڪ حديث بيان فرمائي:[3] الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللہ علیہِ واٰلہٖ وسَلَّم جن فرمايو: ماڻهو الله پاڪ جي عَيال آهن، الله پاڪ جو تمام گهڻو پيارو اهو آهي جيڪو الله پاڪ جي عَيال کي گهڻو فائدو پهچائڻ وارو هجي.[4]

اي عاشقانِ رسول! حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہِ علیہ جي هن مبارڪ بيان ۾ ذڪر ڪيل حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو ماڻهن جي مدد ڪرڻ، غريبن، مسڪينن، يتيمن سان همدردي ڪرڻ، انهن کي فائدو پهچائڻ الله پاڪ جو محبوب بنائڻ وارو عمل آهي. الحمد لله! حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ خود به نهايت همدردي ڪرڻ وارا، نهايت شفيق ۽ مهربان هئا.

## دين کي نقصان پهچائڻ واريون چار شيون

12 شوالُ المڪرم 545 هجري جو شام جي وقت حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ پنهنجي مدرسي ۾ بيان ڪندي فرمايو: توهان جي دين جو نقصان چئن ڳالهين ۾ آهي:

(1) توهان پنهنجي علم تي عمل ناهيو ڪندا (2) جيڪو نه ٿا ڄاڻيو اهو ڪندا آهيو (مثال طور جهالت جي سبب گناهن کي نيڪي سمجهي رهيا هوندا آهيو ۽ نيڪي کي گناهه سمجهي رهيا هوندا آهيو) (3) جيڪو توهان نه ٿا ڄاڻيو، ان کي سکڻ جي ڪوشش ناهيو ڪندا، تنهنڪري بي علم رهجي ويندا آهيو (4) ماڻهن جي لاءِ علمِ دين جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجندا آهيو.

اي انسانو! توهان جو هي حال آهي ته علم جي، ذڪر ۽ فڪر جي محفل ۾ گهٽ ويندا آهيو، استقامت سان ناهيو ويندا ۽ جڏهن بيان ڪرڻ وارن جو بيان ٻڌندا آهيو ته ان مان نصيحت ناهيو حاصل ڪندا بلڪ ان جون غلطيون ڪيندا آهيو، ان تي کلندا آهيو، مذاق ڪندا آهيو. ان ڳالهه کان توبهه ڪيو! الله پاڪ جي دشمنن جهڙا نه بڻجو! جيڪو ٻڌندا آهيو، ان مان نصيحت حاصل ڪيو. توهان تي لازم آهي ته نيڪي ڪيو ۽ اخلاص سان ڪيو. الله پاڪ فرمائي ٿو: ترجموڪنزُ العرفان: ۽ مون جن ۽ انسان اِن لاءِ پيدا ڪيا ته منهنجي عبادت ڪَن (پ 27، الذّٰرِيٰت: 56)

هي آيت تلاوت ڪري حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبدُالقادر جيلاني رحمۃُ اللہِ علیہ فرمايو: الله پاڪ جنن ۽ انسانن کي نفساني خواهشن جي لاءِ ناهي بڻايو، اي غافلو!...! پنهنجي غفلت کان سُجاڳ ٿي وڃو...! توهان ته اهڙي غفلت ۾ آهيو جيئن توهان کي مرڻو ئي ناهي، ڄڻ توهان کي قيامت جي ڏينهن اٿاريو ئي نه ويندو، ڄڻ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ توهان جو حساب ئي نه ورتو ويندو، ڄڻ توهان کي پلصراط تان گذرڻو ئي نه آهي؟

---

[3]...فتح الرحمٰن، صفحه:127

[4]...موسُوعه ابنِ ابی دُنيا، ڪتاب: قضاء الحوائج، جلد:4، صفحه:159، حديث:24

هي آهي توهان جو حال...! ۽ توهان مسلمان هجڻ جي دعوا ڪيو ٿا...! (ياد رکو!) هي قرآنِ ڪريم آهي، جيڪڏهن توهان هن تي عمل نہ ڪيو تہ قيامت جي ڏينهن هي توهان جي خلاف دليل هوندو.[5]

اي عاشقانِ رسول! اي عاشقانِ اولياء! ڏسو! حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُ اللہِ علیہ جون اهڙيون اعليٰ، حڪمت ڀريون ۽ غفلت کان بيدار ڪرڻ واريون نصيحتون آهن، حضور غوثِ پاڪ رحمۃُ اللہِ علیہ اسان جا پيرَ آهن، پيرانِ پير آهن، ڪاش! اسان انهن جي هنن نصيحتن تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون.

اٰمِيۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

[5]...الفتح الربانی،المجلس الخامس،صفحہ:37-38ملتقطاً



سلسلو: اچو ٻارو رسول جي حديث ٻڌون ٿا

# جهيڙاڪُ

مولانا محمد جاويد عطاري مدني

پياري ۽ آخري نبي، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اَبْغَضُ الرِّجَالِ اِلَی اللّٰہِ الْاَلَدُّ الْخَصِمُ يعني الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان ناپسنديده شخص اهو آهي جيڪو تمام گهڻو جهيڙاڪُ هجي.(بخاری،469/4، حديث:7188)

پيارا ٻارو! هي حديث جوامعُ الْڪَلم مان آهي يعني اها حديث جنهن جا لفظ گهٽ ۽ معنيٰ ۽ مفهوم گهڻا هجن اهڙي حديث کي جوامعُ الڪَلم چيو ويندو آهي.

هن حديثِ پاڪ ۾ جهيڙو ڪرڻ وارن جي مذمت بيان ڪئي وئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي ته اهڙن ماڻهن کي الله پاڪ پسند ناهي فرمائيندو.

جهيڙا ڪرڻ چڱي عادت نه آهي، ٿوري ٿوري ڳالهه تي جهيڙو ڪرڻ وارن ٻارن کي ماڻهو پسند ناهن ڪندا، سلڇڻا ٻار انهن سان دوستي ناهن ڪندا، اهڙا ٻار پنهنجي پڙهائي به چڱي طريقي سان ناهن ڪري سگهندا.

سلڇڻا ٻارو! اوهان کي به گهرجي ته شروع ۾ لکيل حديثِ پاڪ ۾ بيان ڪيل وعيد کان بچندي معمولي ڳالهه تي جهيڙو جهڳڙو نه ڪيو، نرمي، شفقت ۽ مهرباني سان پيش اچو، معافي ۽ درگذر کان ڪم وٺو ۽ الله جا پسنديده ٻانها ٻڻجي ڪري جنّت جا حقدار ٻڻجو. اهڙا ڪم ڪيو جن سان الله پاڪ خوش ٿئي ۽ ثواب جمع ٿئي جيئن درودِ پاڪ پڙهندا رهو، والدين جي خدمت ڪيو، وڏن جي ڳالهه مڃو، هميشه سچ ڳالهايو وغيره. ۽ اهڙن ڪمن کان بچو جن سان الله پاڪ ناراض ٿيندو هجي جهڙوڪ نماز نه پڙهڻ، فلمون دراما ڏسڻ ۽ گارگند ڪرڻ. الله پاڪ اسان کي پسنديده ٻانهو ٻڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم









# اسلامي پينرن جا شرعي مسئلا






مفتي فضيل رضا عطاري مدني

## انشورنس جي رقم جي وراثت جو حڪم

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام هن باري ۾ ته منهنجي والد صاحب جي لائف انشورنس ڪرايل هئي ۽ ان کي منهنجي نالي دعوا ڪرائي هئي. تقريباً ڏيڊ مهينو پهرين والد صاحب جو قضاءِالٰهي سان انتقال ٿي چڪو آهي. معلوم اهو ڪرڻو آهي ته ان جي انشورنس جي رقم جو حقدار صرف مان آهيان يا سڀ وارث حقدار آهن؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پهريان اهو ياد رکو ته لائف انشورنس ڪرائڻ حرام ۽ وڏو گناهه آهي ڇو ته ان ۾ پاليسي هولڊر جي طرفان جمع ڪرايل رقم جي شرعي حيثيت قرض جي آهي جنهن تي ان کي نفعو ملڻ مشروط هوندو آهي جڏهن ته قرض تي مشروط نفعو وياج آهي ۽ وياج حرام ۽ دوزخ ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. قرآن ۽ حديث ۾ ان (وياج بابت) سخت وعيدون آيل آهن.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو انشورنس ڪرائي وٺي ته ان تي لازم آهي ته فوراً ان معاملي کي ختم ڪري ۽ الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سچي توبه ڪري. لائف انشورنس جي مد ۾ جيتري رقم جمع ڪرائي هجي اوتري ئي واپس وٺي سگهجي ٿي جڏهن ته اضافي واري وياجي رقم وٺڻ حلال ناهي.

۽ جيڪڏهن پاليسي هولڊر جو انتقال ٿي وڃي ته نامزد ٿيل فرد ڪمپني سان دعوا ڪري پاليسي هولڊر جي اصل جمع ڪرايل رقم وٺي ۽ وياج واري رقم ڇڏي ڏي. پوءِ اها اصل رقم مرحوم جي سمورن وارثن ۾ شرعي قانون جي مطابق ورهائي ويندي. ايئن نه ٿيندو ته اها رقم صرف نامزد ٿيل فرد کي

ملي چو تہ ڪمپني ۾ ڪنھن کي نامزد ڪرڻ جو مقصد ان کي مالڪ بنائڻ ناهي هوندو بلڪ مقصد اهو هوندو آهي تہ پاليسي هولڊر جي موت جي صورت ۾ اهو شخص ڪمپني سان رقم وصول ڪري مرحوم جي وارثن تائين پهچائي پوءِ چوتہ ان کي مالڪ بڻائڻ مقصود ناهي هوندو تنهنڪري اهو ان رقم جو مالڪ بہ ناهي بڻجندو، لھٰذا پڇيل صورت ۾ رڳو توهان والد صاحب جي لائف انشورنس جي اصل رقم جا حقدار ناهيو بلڪ مرحوم جا سمورا وارث ان جا حقدار آهن.

خيال رهي تہ جيڪڏهن ڪنهن وياجي رقم ورتي هجي تہ ان تي واجب آهي تہ توبہ ڪرڻ سان گڏوگڏ اوتري رقم صدقي جي ثواب جي نيت ڪرڻ بغير ڪنهن شرعي فقير کي ڏئي ڇڏي.

تنبيهہ: انشورنس جي هڪ بي صورت جنرل انشورنس آهي جيڪا غير جاندار شين جي ٿيندي آهي ۽ جنرل انشورنس بہ حرام ۽ گناهہ آهي چو تہ اها جوا ۽ ظلم تي مشتمل هوندي آهي. اهڙي طرح جو جيڪڏهن مقرر ڪيل مدت دوران پاليسي هولڊر جي خريد ڪيل شيءِ کي ڪو نقصان پهتو تہ ڪمپني کي ان جي تلافي ڪرڻي پوندي آهي ۽ ان صورت ۾ پاليسي هولڊر جو فائدو ٿي ويندو آهي ان صورت ۾ نقصان گهٽو تي وڃڻ جي صورت ۾ گهٽ رقم ڏئي وڌيڪ رقم ملي ويندي آهي ۽ جيڪڏهن پاليسي هولڊر جي شيءِ مقرر مدت تائين ڪمپني جي بيان ڪيل نقصانات کان محفوظ رهي تہ ان جي جمع ڪرايل رقم ان کي واپس ناهي ملندي ۽ ڪمپني جو فائدو ٿي ويندو آهي. انهيءَ کي جوا چئبو آهي پڻ جيڪو نقصان ڪمپني ناهي ڪيو ان جي تلافي جو ذميوار ڪمپني کي قرار ڏيڻ ظلم آهي ۽ جوا ۽ ظلم ٻئي حرام آهن.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم



# مدني مذاڪرو

## (1) تهجد جي وقت ۾ پهريان تهجد جي نماز ادا ڪيون يا عشاء جي بقيہ نماز؟

سوال: جيڪڏهن ڪو شخص عشاء جي نماز صرف فرض ادا ڪري ۽ بقيہ نماز تهجد ۾ ادا ڪري تہ تهجد جي وقت اهو پهريان تهجد جي نماز ادا ڪري يا عشاء جي بقيہ نماز ادا ڪري؟

جواب: عشاء جي فرضن کان بعد جون سنّتون ادا ڪيون وڃن ھي ترڪ نہ ڪيون وڃن، اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو جاڳڻ جي قدرت رکندو هجي تہ پوءِ ان جي لاءِ بهتر اهو ئي آهي تہ اهو جڏهن سُمهي ڪري اٿي تہ تهجد جي وقت ۾ وتر پڙهي، پڻ تهجد جي وقت پهريان تهجد جي نماز پڙهي پوءِ ان کان بعد وتر جي نماز ادا ڪري. (مدني مذاڪره، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

## (2) غوثِ پاڪ جي والده جو نالو

سوال: غوثِ پاڪ جي والده جو نالو ڇا آهي؟ جواب: غوثِ پاڪ جي امڙ جو نالو "فاطمہ" ۽ ڪنيت "اُمُّ الخير" آهي يعني اُمُّ الخير فاطمہ رحمۃ اللہ علیہا. (مرآۃ الزمان فی تواریخ الاعیان، 80/21-مدنی مذاکرہ، 6ربیع الآخر شریف 1445ھ)

## (3) ڪنهن بہ ڏينهن يارهين شريف ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪڏهن ڪنهن 11 ربيعُ الآخر شريف جو يارهين شريف جو نياز نہ ڪيو هجي تہ ڇا اهو پوري مهيني ۾ ڪنهن ٻئي ڏينهن ڪري سگهي ٿو؟

جواب: جي ها ڪري سگهي ٿو بلڪ سڄي سال ۾ جڏهن چاهي ڪري سگهي ٿو، 11 ربيعُ الآخر شريف جو ئي ڪرڻ ضروري ناهي، پر بزرگن ۽ مسلمانن ۾ مخصوص تاريخ جو ايصالِ ثواب ڪرڻ جو رواج آهي جو ان ڏينهن جي خاص برڪت آهي، ان ڏينهن ڪرڻ وڌيڪ مناسب آهي، پر ڪو ان ڏينهن نہ ڪري سگهي تہ بعد ۾ جڏهن بہ چاهي ڪري سگهي ٿو. ان جي لاءِ ديڳيون پچائڻ بہ ضروري ناهن بلڪ جيڪو گهر ۾ پچايو آهي

انهيءَ تي ايصالِ ثواب ڪري ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! برڪتون ملنديون.

(مدنی مذاکره، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

## (4) فوت ٿيلن جي روحن جو پنهنجن گهرن ۾ اچڻ

سوال: ڇا موت کان بعد انتقال ڪرڻ وارن جا روحَ پنهنجي گهر ۾ ايندا آهن؟

جواب: جي ها! مسلمان جو روح مخصوص وقتن ۾ جهڙوڪ جمعرات ۽ شبِ براءَت وغير ۾ ايندو آهي. ۽ پنهنجي گهروارن کان ايصالِ ثواب جو مطالبو ڪندو آهي. (ديکھئے: فتاویٰ رضويه، 653/9) غير مسلم جو روح قيد ۾ هوندو آهي اهو ٻاهر ناهي نڪري سگهندو. (ديکھئے: بہار شريعت، 103/1) ڪجهه بابا چوندا آهن ته هن جو روح سَتائي رهيو آهي يا هُن جو روح ستائي رهيو آهي، هي سڀئي بيڪار ڳالهيون آهن، غير مُسلم جو روح ته قيد ۾ آهي اهو ستائڻ اچي ئي نه ٿو سگهي ۽ جيڪڏهن مسلمان جو روح جنّت جا مزا ماڻي ڪري عيش ۾ آهي، ان جي قبر جنّت جو باغ بڻيل آهي ته اهو به اچي ناهي ستائيندو، اهڙيءَ طرح ڪو مسلمان معاذَ الله عذاب ۾ آهي ته ان جو روح به اچي ڪري نه ستائيندو. (مدنی مذاکره، 27ربيع الآخر شريف 1445ھ)

## (5) صدقوءِ خيرات جي قبوليت جو معيار

سوال: صدقو ۽ خيرات جي قبوليت جو معيار ڇا آهي؟

جواب: اخلاص. الله پاڪ جي راهه ۾ به صدقو ۽ خيرات ڪيون اخلاص سان ڪيون جو اخلاص قبوليت جي ڪُنجي (Key) آهي، رياڪاري ۽ ڏيکاءَ جي لاءِ ڪنداسين ته گنهگار ٿينداسين. (مدنی مذاکره، 13ربيع الآخر شريف 1445ھ)

## (6) بدڪ جا آنا کائڻ ڪيئن؟

سوال: ڇا بدڪ جا آنا کائي سگهجن ٿا؟

جواب: بدڪ حلال پکي آهي، ان جو گوشت به کائي سگهون ٿا ۽ ان جا آنا به کائي سگهون ٿا. (مدنی مذاکره، 18جُمادَی الاولیٰ 1445ھ)

## (7) گنهگار جو نيڪي جي دعوت ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: جيڪو پاڻ چڱا ڪم ناهي ڪندو اهو ٻين کي چڱا ڪم ڪرڻ جو چئي سگهي ٿو يا نه؟

جواب: جيڪڏهن ڪو پاڻ نيڪي نه ڪري پر ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏي ته هي جائز آهي، بلڪ ڪجهه صورتن ۾ ٻئي کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ واجب ٿي ويندو، جيئن ڪو پاڻ گناهه کان نه ٿو بچي پر ٻيو شخص گناهه ڪري رهيو آهي ۽ هن کي غالب ظن آهي ته مان ان کي سمجهائيندس ته هو گناهه ڇڏي ڏيندو ته هاڻي اُن کي سمجهائڻ ۽ بُرائي کان روڪڻ هن تي واجب ٿي ويندو. (ديکھئے:بہارِ شريعت، 615/3) جيڪڏهن هي ان کي نه سمجهائيندو ته بُرائي کان نه روڪڻ جو گناهه به هن تي ايندو. ايئن هن جي مٿان به گناهه ٿي ويندا هڪ خود بُرائي ۾ مُبتلا ٿيڻ جو ۽ ٻيو بُرائي کان نه روڪڻ جو.

## (8) فرض غسل کان پھريان ننهن ڪَٽڻ ڪيئن؟

سوال: فرض غسل کان پھريان ننهن ڪَٽي سگھون ٿا يا نہ؟

جواب: فرض غسل کان پھريان ننهن ڪَٽڻ مکروھ آهي،(بہارِ شريعت، 585/3) فرض غسل کان بعد ننهن ڪَٽڻ گھرجن. (مدنی مذاکرہ،12شوال المکرم 1445ھ)

## (9) امام صاحب جو "رَبَّنَالَكَ الۡحَمۡد" چوڻ ڪيئن؟

سوال: جڏهن امام رکوع مان اٿندو آهي تہ "سَمِعَ اللهُ لِمَنۡ حَمِدَہ" چوندو آهي، ڇا ان کان بعد امام صاحب رَبَّنَا لَكَ الۡحَمۡد پڙهندو يا خاموش رهندو يا رَبَّنَا لَكَ الۡحَمۡد مُقتدي پڙهندو، هن جو جواب عطا فرمايو.

جواب: رَبَّنَا لَكَ الۡحَمۡد مُقتدي چوندو، امام صاحب نہ چوندو، جيڪڏهن امام صاحب چئي بہ ڇڏيو تہ ان تي سجدهءِ سهو واجب نہ ٿيندو، نماز ٿي ويندي. البت جيڪڏهن اڪيلو نماز پڙهي رهيو هجي تہ پوءِ ٻئي چئي. (بہار شريعت، 527/1-مدنی مذاکرہ، 30 جُمادَی الاُخریٰ 1444ھ)

## (10) نڪاح فارم ۾ مهر جي خاني ۾ ڇا لکرايو وڃي؟

سوال: جڏهن نڪاح ٿيندو آهي تہ ان وقت نڪاح فارم بہ ڀريو ويندو آهي، نڪاح فارم ۾ حَق مهر جي خاني ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڇوڪريءَ وارا سون چاندي لکرائيندا آهن، تہ ڇا ان فارم ۾ حق مهر جي طور تي سون چاندي لکرائي سگھون ٿا يا حق مهر جي طور تي رقم ئي لکرائڻ ضروري آهي، پڻ سون چاندي لکرايو وڃي تہ ڪيترو سون چاندي لکرايو وڃي؟

جواب: شرعي حق مهر گھٽ ۾ گھٽ ٻہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي آهي ۽ هي واجب آهي. نڪاح نامي ۾ صرف رقم ئي لکرائڻ ضروري نہ آهي بلڪ سون چاندي، پيسا، پلاٽ، وڳو، ۽ اَناج وغيره بہ لکرائي سگھو ٿا پر ان جي ماليت بہ تولا ساڍا ست ماشا چاندي کان گھٽ نہ هجي وڏيڪ جي ڪا Limit (يعني حَد) نہ آهي. (ديکھئے: فتاویٰ رضويہ، 165/12-بہار شريعت، 64/2- مدنی مذاکرہ، 29 جُمادَی الاُخریٰ 1444ھ)

# ٻارن ۽ ٻارڙِين جا 6 نالا

(آڪٽوبر 2024)

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ماڻهو سيني کان پهريون تحفو پنهنجي ٻار کي نالي جو ڏيندو آهي تنهنڪري ان کي گهرجي تہ ان جو چڱو نالو رکي. (جمع الجوامع، 3/ 285، حديث: 8875) هتي ٻارن ۽ ٻارڙِين جي لاءِ 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ نسبتون پيش ڪيون پيون وڃن.

## ٻارن جا 3 نالا

| نالو | پڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
|---|---|---|---|
| | | | |
| محمد | عبدُالرحيم | رحمت وارو ٻانهو | الله پاڪ جي صفاتي نالي جي طرف لفظِ عبد جي اضافت سان |
| محمد | حنيف | اسلام تي ثابت قدم | سرڪار صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو صفائي نالو |
| محمد | سُهيل | نرم ورتاءُ ڪرڻ وارو | صحابيءِ رسول رَضِیَ اللهُ عَنۡه جو نالو |

## ٻارڙِين جا 3 نالا

| | | | |
|---|---|---|---|
| | أُميّہ | نندي ڪنيز | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنۡها جو بابرڪت نالو |
| | سُعديٰ | مبارڪ خوش بختي | صحابيہ رَضِیَ اللهُ عَنۡها جو بابرڪت نالو |
| | بَرِّدَہ | ڪنيز | تابعي بزرگ سيدنا جعفر بن بُرقان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والده جو نالو |

(جن وٽ ڌيءُ يا پٽ جي ولادت ٿئي اهي چاهين تہ هنن نسبت وارن 6 نالن مان ڪو هڪ نالو رکن.)

# وظائف

## عزت ۽ شان ماڻڻ جو وظيفو

يَااَحَدُ

جيڪو به 9 ڀيرا پڙهي ڪري حاڪم (يا آفيسر) جي اڳيان ويندو ته، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عزت ۽ شان ماڻيندو.(مدنی پنج سوره،ص255)

## مٿي جي سور جو روحاني علاج

18 ڀيرا لکي ڪري تعويذ بڻائي ڪري ٻار يا ٻارڙيءَ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو، ان شاءالله الڪريم ڪير ڇڏي ڏيندو.

(زندہ بیٹی کنویں میں پھینک دی، ص31)

سڄي مٿي جو سور هجي يا شَقِيقه (يعني اڌ مٿي جو سور) عصر جي نماز کان پوءِ سورةُ التَّكاثُر هڪ ڀيرو (اول آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري دم ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سور گهٽ ٿي ويندو.

(مدنی پنج سوره،ص 383)

## بيمارين جو روحاني علاج

يَامُعِيْدُ

دائمي مريض هر وقت پڙهندو رهي، الله پاڪ صحت عطا فرمائيندو.(بیمار عابد،ص39)

## عيادت ڪرڻ وقت هي دعا پڙهو

جڏهن ڪو مسلمان ڪنهن مسلمان جي عيادت جي لاءِ وڃي ته 7 ڀيرا هيءَ دعا پڙهي:

اَسْأَلُ اللّٰهَ الْعَظِيْمَ رَبَّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ اَنْ يَّشْفِيَكَ

(ترجمو: مان عظمت واري، عرشِ عظيم جي مالڪ الله پاڪ کان تنهنجي لاءِ شفاعت جو سوال ڪريان ٿو) جيڪڏهن موت جو وقت ناهي آيو ته ان کي شفا ملي ويندي. (ابوداؤد،251/3،حدیث:3106)

# ٻه درجا وڌي ويا

ڪيترا وڏا وڏا ولي سڳورا منهنجي مُرشد، شيخ عبدُالقادر جيلاني رحمۃُاللہِعلیہ جو ادب ڪندا آهن ۽ پاڻ رحمۃُاللہِعلیہ سان محبت جو اظهار فرمائيندا آهن جيئن ته سيدي و مرشدي غوثِ اعظم دستگير جا خليفه حضرت شيخ علي بن هيتي رحمۃُاللہِعلیہ بيان ڪن ٿا ته مان سرڪارِ بغداد حضورِ غوثِ پاڪ رحمۃُاللہِعلیہ سان گڏجي حضرت شيخ معروف ڪرخي رحمۃُاللہِعلیہ جي مزار تي ويس، حضرت شيخ معروف ڪرخي رحمۃُاللہِعلیہ تمام وڏن ولين سڳورن رحمۃُاللہِعلیہم مان آهن. حضور غوثِ اعظم شيخ عبدُ القادر جيلاني رحمۃُاللہِعلیہ انهن کي هن طرح سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا شَيْخُ مَعْرُوْفُ! عَبَرْنَاكَ بِدَرَجَتَيْن يعني ”اي شيخ معروف! اوهان تي سلامتي هجي، اسان اوهان کان ٻه درجا وڌي ويا آهيون.“ انهن مزار شريف مان جواب ڏنو: وَعَلَيْكَ السَّلَامُ يَا سَيِّدَ اَهْلِ زَمَانِهٖ يعني ”۽ اوهان تي سلامتي هجي، اي پنهنجي زماني وارن جا سردار!“

(قلائد الجواہر، ص39)